**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ امن و محبت جو پيغام

# THE MESSAGE OF LOVE AND PEACE IN THE POETRY OF SHAH ABDUL LATIF BHITTAI

**Abstract**

The name of Shah Abdul Latif is always highlighted in Sindhi language and literature. His poetry is best symbol of peace and love. Shah Latif was ancient poet of Kalhora period. Shah Latif introduced the history, geography, culture and language in his poetry and spread the message of love and peace every corner of Sindh and other places. His message is key and path of future. He is poet of every age of human. His poetry is translated into various languages such as English, Urdu, Sariki, Arabic, Persian and German. The message of shah is need of current situations. The message of shah should be spread out everywhere. In this paper, the some verses and poem of shah latif poetry's highlighted which are conveying the message of peace and love.

ڪو بہ ملڪ ۽ معاشرو ايستائين ترقي ڪري نہ سگهندو جيستائين ان ۾ امن ۽ سڪون نہ هوندو، ان ڪري ماضي توڙي حال جي ڏاهن، عالمن ۽ شاعرن امن ۽ آشتي جي پيغام کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”شاعر ۽ درويش پنهنجن جذبنۦ احساسن توڙي پنهنجي اندر جي لوچ کي وقت جي گهرجن آهر پنهنجن ماڻهن تائين رسائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا رهيا آهن، دلي جذبن ۽ ڪيفيتن جي لحاظ کان منجهن اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ تہ جيئن هنن۾ جذبن جي سچي سڃاڻ پيدا ٿئي“. (1)

”انساني تاريخ جو هي مسلسل عمل رهيو آهي تہ ان جي مختلف دؤرن ۾ ڪي ني ڪي سڃاڻ ۽ ڏاها، دانشور ۽ غير معمولي ذهن جا ماڻهو پيدا ٿيندا رهن ٿا، جن جي ان سماج تي نہ صرف گهري نظر پر پنهنجي عمل ۽ سوچ سان ان ماحول تي ڇاپ هوندي آهي. هو پنهنجي تجربي، مشاهدي، مطالعي ۽ فڪر جي اها روشني سماج ۾ ڇڏي ويندا آهن، جيڪا دائميت جي صورت ۾ هوندي آهي. لطيف سائين بہ سنڌ جي ڏاهپ ۽ سڄاڻائي جو اهو هيرو ۽ املهہ موتي آهي، جنهن جو فڪر ۽ شعور هڪ بلند

مينار جي حيثيت رکي ٿو.“ (2)

شاهه صاحب جي سوانح، فن ۽ فڪر جي حوالي سان سنڌ توڙي هند ۾ ڪافي ڪم ٿيو آهي ۽ ليڪن ان جي باوجود ڪيترائي اهڙا پهلو آهن، جن تي اڃان بہ تحقيق جي ضرورت آهي. هر ڪنهن عالم توڙي اديب پنهنجي وت ۽ وس آهر يا پنهنجي علمي معيار مطابق شاهه صاحب جي فڪر تي روشني وڌي آهي.

”اها لطيف سائين جي فڪر جي گهرائي ۽ همہ گيريت آهي، جو معاشري جي هر طبقي جو هر فرد پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي اظهار لاءِ لطيف سائين جي ڪلام جو سهارو وٺي ٿو. شاهه صاحب جي شاعري ۾ هر فرد کي پنهنجي اندر جو عڪس آڏو اچي ٿو. پوءِ اهو استاد هجي يا شاگرد، محقق هجي يا دانشور، صحافي هجي يا سياسي شخص، فقير هجي يا فنڪار، مولوي هجي يا صوفي، مطلب تہ ڌرتي جي تهن کان وٺي آسماني مخلوق تائين هر شيءَ جو ذڪر شاهه سائين جي رسالي ۾ ملي ٿو، جديد سائنسي علم کان وٺي روحاني رازن تائين هر فڪر ۽ علم لطيفي فڪر جي دائري ۾ اچي وڃي ٿو.“ (3)

حقيقت اها آهي تہ شاهه لطيف جي شاعري هر موضوع جو احاطو ڪري ٿي. سندن ڪلام جي فڪر ۽ فلسفي جا گهڻا ئي رخ آهن ۽ هر سُر جا پنهنجا فڪري پهلو آهن.

”شاهه صاحب جو ڪلام ايترو ڳوڙهو ۽ گهڻن پهلوئن وارو آهي، جو هر سُر ۾ ڪي ٿورا بيت پڙهڻ سان سڄي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، تہ بہ عام تاثر قائم ٿيو وڃي. هن سُر کي پنهنجو تاثر ۽ وايو منڊل آهي، جيئن سُهڻي ۾ درياءُ، سارنگ ۾ مينهن، سسئي ۾ جبل ۽ راڻو ۽ مارئي ۾ ٿر آهي، تيئن سُر سريراڳ ۽ سامونڊي ۾ سمنڊ جو وايو منڊل آهي. انهن ٻن سُرن ۾ فراق ۽ وصال سان گڏ وڻج واپار بہ هڪ اهڃاڻ آهي. فراق جي ڪيفيت شاهه صاحب جي ڪلام ۾ تقريباً هر سُر ۾ ملي ٿي. جوڳين ۽ سامين جو ذڪر رامڪلي ۾ تفصيل سان ملي ٿو. اهڙي طرح رپ، بلاول، پر ڀاتي، ڪاپائتي، ڏهر، پورب ۽ ڪارايل ۾ بہ شاهه صاحب پنهنجي شاعرانہ بلند خيالي ۽ تعليم ڏيڻ واري ويچار ۾ عروج تي آهي.“(4)

شاهه صاحب جي سڄي شاعري ۾ انسان ذات لاءِ هڪ محبت جو پيغام آهي، اهو پيغام شاهه صاحب کي ورثي ۾ پنهنجي تڙ ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙي واري ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن کان پڻ مليو. شاهه ڪريم هڪ بيت ۾ پرين کي پسڻ جو نسخو ٻڌائيندي فرمائي ٿو تہ:

مورک مور نہ ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،

ڪٿر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن

اهڙي طرح سان مخدوم نوح جو هڪ بيت ڏکويل انسانن جي بهترين انداز ۾

ترجماني ڪري ٿو.

پئي جا پرياٽ، سا ماڪ مَ پانيو ماڻهنا
روئي چڙهي رات ڏسي ڏکوين کي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دؤر کان اڳ جي شاعرن جي شاعري کي مدنظر رکندي، ان کي وڏيڪ مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. شاهه صاحب عام ماڻهن جي ڏکن ۽ تڪليفن کي هميشه پنهنجو محسوس ڪيو ۽ ان کي بيتن جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي.

مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٺاٽان،
پريون ڪيو پُٽان، ويا وهائو نڪري

”شاهه سائين جي سورمين جي سونهن، حسن ۽ جمال جي تعريف انهي مالڪ جي ثنا آهي ۽ انهن سُرن ۾ جيڪي ڏک، تڪليفون ڏيکاريل آهن، اهي به انسانن جي سندس اوجر ۽ سچ حق جي جستجو لاءِ آهن.“(5)

شاهه صاحب جي دؤر ۾ مختلف تاريخي واقعا رونما ٿيا ۽ ڪيترائي حملہ آور سنڌ تي ڪاهون ڪري آيا ۽ انهن انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا ۽ هتي جي رهندڙ ماڻهن تي هر قسم جا ظلم و ستم ڪيائون. شايد شاهه صاحب ان پس منظر کي سامهون رکندي هي بيت چيو هجي.

آدمين اخلاص، متائي مائو ڪئو
هاڻي ڪائي سيڪو ماڙهون سندو ماس

”محبت اڳيان ڪهڙيون به ڳريون مصيبتون بيهي نه سگهنديون، ندي واهڙ ڪهڙي چيز آهن، جي سهڻي جي اٿاهه عشق اڳيان سٽ جهلي سگهن يا جبلن يا برپٽن کي ڇا مجال آهي، جو سسئي جي لانتها سڪ اڳيان، پنهنجي هستي قائم رکي سگهن؛

جن کي عشق جي اساٽ، واهڙ پائن وکري (سُر سهڻي)
جبل وڏو جو، نوڻ مڙوئي نينهن کي (سُر ديسي)

هي ته هڪ ندي هئي، پر سهڻي جهڙي سچي عاشقياڻي اڳيان، ڪٽي سهسين سمنڊ پنهنجي دهشت ڏيکارين ها، ته به سندن نينهن کي لوڏي نه سگهن ها، مطلب ته سچو عاشق ڪهڙين مصيبتن کي آخر ۾ نٽو آڻي.

سهسين سائر گجن، توءِ سهج نه مٽي سهڻي
ته ڪي نينهن ڇڃن، پر تهين پرين جي (6)

شاهه صاحب مشاهداتي شاعر هو، جيڪي منظر ان جي اکين ڏٺا، ان کي قلمبند ڪري عام ماڻهن جي لاءِ نصيحت آموز نڪتا بيان ڪيا آهن.

پڏندي پوڙن کي، ڪي هاتڪ هٽ وجهن

پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪڪن
توٽي ڪنڌي ڪن، نات ساڻ وڃن سير ۾

”شاهه لطيف انسان جي فڪري ۽ شخصي آزادي جو قائل آهي، جنهن ۾ هر فرد ڪنهن به نظريي ۽ مسلڪ جي چونڊ جو حق رکي سگهي ٿو. هن جاگيرداري، سماجي اخلاقيات جي انڪار ڪيو ۽ تنگ نظر مذهبي ماڻهن جي سوچ کي رد ڪندي چيو ته:

ان پر نه ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر اڪين. (7)

شاهه صاحب جي شاعري جي اها خوبي آهي ته سُر کهڙو به هجي پر ان جي وچ اخلاقي نقطا ۽ نصيحتون جا بجا نظر اينديون ۽ اهي شيون عام فهم آهن، ليڪن عام ماڻهن جو ان طرف ڌيان نٿو وڃي. ليڪن شاهه انهن شين جو تذڪرو ڪري هميشه لاءِ انهن کي امر ڪري ڇڏيو.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڙهوئان ميٺ گهڻو.

چڱائي ۽ برائي کي شاهه صاحب ڪجهه هن طرح ڏسي ٿو.

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مدن
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن

پاڻ ان کان به اڳيئن منزل کان آگاهه ڪندي فرمائي ٿو ته:

چڱن ساڻ چڱائيون، ائين سڀ ڪو هوءِ
تو جيئن ڪري نه ڪوءِ، بڇن ساڻ ڀلايون

”سُهڻي پرين جي وصال لاءِ درياهه ۾ گهڙڻ گهري ٿي. ان وقت درياءَ ۾ وهه تڪ ۽ ڪنن جي ڪڙڪن جي ڇا ڪيفيت هوندي آهي، ان جو شاهه صاحب هن طرح نقشو چٽي رهيو آهي.

دهشت دم درياه ۾، جت جايون جانا رن
نڪو سنڌو سير جو، مڀ نه ملاحن
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن
سچا پيڙا پار، هليا هيٺ وڃن
پروڙ پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن
ڪو جو قهر ڪنن ۾ ويا ڪين ورن
اتي اٽتارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون

لطيف سرڪار جيتوڻيڪ سُهڻي کي درياءَ ۾ ٻڏندو ۽ لهرن ۾ لڙهندو نه ڏنو

هو، پر تخيل جي بلندي سان هن واقعي کي جنهن نموني بيان ڪري رهيو آهي، ان مان اهو پڌرو ٿئي ٿو ته ڇڙ شاهه صاحب اتي موجود هو.

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الله تهار
جنگهه جرڪي وات ۾ سسي کي سسيار
چوڙا ڀيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙهيس وار ٽرنئون ڏار
لڪين ڇهتيس لوهٽيون ٽيلهيون
مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٽيندي سُهٽي. (8)

شاهه صاحب پنهنجي شاعري ذريعي انسان کي هدايت ٿو ڪري ته اهڙا ڪم ڪر، جيڪي اڳتي به ڪم اچن ۽ هن دنيا مان به سر خرو ٿئي.

وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي
ويچينـدي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي ابهين.

شاهه صاحب جي شاعري ۾ انسان کي آخرت جي فڪر جي دعوت ڏني ويئي آهي ۽ آخرڪار مٽي کي مٽي سان ملڻو آهي، ان ڪري انساني فڪر ۽ سجاڳي جو ڏس ڏنل آهي ۽ فرمايو اٿس ته جيڪو ڪجهه ڪرڻو اٿو هن دنيا ۾ ڪري وٺو.

جو پون پيرين مون، سان پون مٽي سڄڻين
ڏگ لتبا ڏوڙ اپي ڏٺاسون
ڏينهن مڙيئي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي.

حوالا:


1. مهر النساء لاڙڪ، پروفيسر، مقالو:"طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا"، سُر پرڀاتي: مرتب ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص 190.
2. محمد حسين ڪاشف، مقالو "موجوده دؤر ۾ شاهه لطيف جي اهميت"، ڪينجهر، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1988ع، ص 62.
3. سليم پٽو لطيفي، مقالو "عشق ناهي راند". ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، سيپٽمبر، 2000ع، ص 23.
4. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پنجون، 2006ع، ص 91.
5. حميد سنڌي، ٻه اکر، "اندر جهڙ جهوري وهي"، سُر سارنگ، مرتب حميد سنڌي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه،حيدرآباد، 1998ع، ص 5.
6. ڪلياڻ بولچند آڏواڻي، شاهه جو رسالو، ڪانياواڙ اسٽورز بندر روڊ لاڙڪاڻو، اردو بازار ڪراچي، 2006ع، ص XVII.
7. ڊاڪٽر ادل سومرو، مقالو: "شاهه لطيف جي شاعري ۽ سنڌي سماج"، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ نمبر 2-1،2007ع، ص 120.
8. علامه غلام مصطفیٰ قاسمي: شاهه جي شاعري جا سر چشما، علامه غلام مصطفیٰ قاسمي چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. 2017ع، ص 77.